PRE UPPER PRIMARY SCHOLARSHIP EXAMINATION (STD. 5TH), FEBRUARY 2017

سيٽ نمبر | | | | | | | | | | |

# 0601

Set **D**

# Medium : Sindhi

پيپر نمبر I — پهرين ٻاشا ۽ حساب **First Language and Mathematics** — ٽائيم : 11.00 To 12.30

پيج : 32 — مارڪون : 150

**سوال پتر کي حل ڪرڻ کان پهريِ هيٺ ڏنل ڄاڻ کي ڌيان سان پڙهو.**

(1) هن سوالي پيپر ۾ ٻه ڀاڱا آهن. اُنهن مان ڀاڱي I ۾ **25** سوال پهرين ٻاشا (سنڌي) جا ۽ ڀاڱي II ۾ حساب جا **50** سوال آهن. سڀ سوال حل ڪرڻ ضروري آهن.

(2) هر هڪ سوال تي **2** مارڪون آهن.

(3) سوالي پيپر حل ڪرڻ لاءِ ڪل **90** منٽن جو وقت ڏنو ويندو.

(4) جوابن کي درج ڪرڻ لاءِ الڳ جوابي پيپر ڏنل آهي. هر سوالي نمبر جي سامهون متبدل جوابن جا چار گول ڏنل آهن. اُن مان صحيح جواب جو گول هيٺ ڏيکاريل نموني رنگيو.

مثال: سوال نمبر**6** جو صحيح جواب نمبر**2** هوندو، ته اُهو هيٺئين نموني درج ڪريو.

سوال نمبر **6** : ① ● ③ ④

(5) هيٺين نموني درج ڪيل جوابن جو ويچار نه ڪيو ويندو. جواب ائين درج ڪرڻ تي '0' مارڪ ڏني ويندي.

جيئن ته : ① ② ③ ④

(6) جواب درج ڪرڻ لاءِ فقط نيري يا ڪاري بال پين جو اپيوگ ڪيو. پينسل يا جيل پين سان درج ڪيل جوابن جو ويچار نه ڪيو ويندو.

(7) هڪ دفعو درج ڪيل جواب بدلائي نٿا سگهجن.

(8) هر هڪ سوال لاءِ هڪ کان وڌيڪ سوال درج ڪيل جواب، ڊاهه، ڊوهه، ڪريل جواب مڃيانه ويندا.

(9) سوالي پيپر ۾ هر هڪ پني تي هيٺ ۽ آخري پني تي ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ خالي جاءِ آهي. ان تي ئي ڪچو ڪم ڪرڻو آهي.

(10) امتحان لاءِ محدود وقت ڏنل هئڻ سبب جيڪڏهن ڪنهن سوال جو جواب توهانکي نٿو اچي ته ٻيو سوال حل ڪريو. آخري ۾ وقت بچي ته رهيل سوال لاءِ وري ڪوشش ڪريو.

(11) جيڪڏهن ڪنهن سوال ۾ چُڪ/غلطي نظر اچڻ تي اُن بابت نگران ماستر (Supervisor) يا ڪيندر سنچالڪ کان ڪجهه به پڇڻو نه آهي.

(12) سوال ۾ چڪ/غلطي/اعتراض بابت پنهنجو لکيل وينتي پتر اسڪول يا مائٽن کي بلاڪ ايڊيوڪيشن آفيسر يا ايڊيوڪيشن آفيسر کي نہ موڪليندي سڌو پريڪشا پريشد ڏانهن مانيه آيوڪت پريڪشا پريشد جي نالي سان سامهون اچي/ٽپال/رستي/اي ميل رستي موڪليندا.

(13) غلطي/چڪ/اعتراض بابت لکيل وينتي موڪلڻ جو عرصو پريڪشا پريشد جي ويب سائيٽ تي عارضي (Temporary) جوابي لسٽ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ **10** ڏينهن تائين رهندي. ڏنل عرصي جي آخري تاريخ تائين ميل لکي وينتي دخل ورتي ويندي.

(14) ڇپائي جي غلطي يا ٻئي ڪنهن ڪارڻ سبب سوال غلط هئڻ جي ڄاڻ پوڻ تي ماهر سمتيءَ جي صلاح انوسار اهو رد ڪيو ويندو.

## ڀاڱو I

## ڀھرين ڀاشا

**سوال 1 کان 8 لاءِ سوچنا : لفظن جي پختائي.**

**1.** هيٺين مان ساڳي معني وارن لفظن جو غلط جوڙو سُجاڻو :

(1) محتاج—موٿاج

(2) نوُر—نظر

(3) ناميارو—مشهور

(4) مُفيد—خراب

**2.** ’چُستي‘ لفظ جو ضد هيٺين مان کهڙو آهي ؟

(1) محنت (2) ڦُڙتي

(3) سُستي (4) رفتار

**3.** خالي چوڪٽ ۾ مناسب اکر لکو جيئن آڏو ۽ اُڀو معنيٰ وارو لفظ ٺهي :

| | | | |
|---|---|---|---|
| ب | | ر | ڪ |
| | ما | | |
| | شا | | |

(1) ت      (2) ل

(3) ک      (4) س

**4.** ڏنل لفظن لاءِ هڪ مناسب لفظ چونڊيو :

جتي چار رستا گڏجن.

(1) ٽِواٽو      (2) کيت

(3) ميدان      (4) چوُنڪ

**5.** خال ۾ مُناسب ميڙ وارو لفظ لکو.

گاڏيءَ ۾ ماڻهن جي/جو ........ چڙهي/چڙهيو.

(1) ڌَڻُ      (2) ولر

(3) گڙدي      (4) سئنا

**6.** هيٺين اکرن کي جوڙي معني وارو لفظ ٺاهڻ سان اُنجو ٽيون اَکر
کهڙو هونُدو ؟

گ ر شا د

(1) د (2) گ

(3) شا (4) ر

**7.** پراٿنا گيت 'اسان جي حال تي هر دم ......' کنهن لکيو.

(1) پرسرام 'ضيا' (2) کشنچند 'بيوس'

(3) ليکراج عزيز'ا' (4) سوڀراج 'عيش'

**8.** هيٺين مان اَڻٺڪندڙ لفظ کهڙو آهي ؟

(1) شڪتي (2) طاقت

(3) عقل (4) ٻل

**سوال 9 کان 11 لاءِ سوچنا : هيٺيون ٽڪر پڙهي اُنجي هيٺيان ڏنل سوالن جا صحيح جواب چونڊيو.**

1971 ع ۾ اوچتو هندستان مٿان پاڪستان حملو ڪيو. ريڊيو تان اَعلان ڪيو ويو تہ لڙائي شروع ٿيڻ سبب سيني ملٽري آفيسرن جون موڪلون رد ڪيون وڃن ٿيون ۽ هوُ بنا ڪنهن دير جي پنهنجي پنهنجي هيڊ ڪواٽر ڊيوٽيءَ تي واپس پهچي وڃن. نوجوان رميش بہ ريڊيو تي اَعلان ٻُڌو. هو هڪدم تيار ٿي ويو. شاديءَ جي سيني خوشين ڪي ڇڏي پنهنجو فرض نباهڻ لاءِ روانو ٿي ويو. هيڊ ڪواٽر پهچڻ بعد رميش جي ڊيوٽي جمون ڪشمير ۾ سِکہ بٽالين ۾ آفيسر طور لڳائي وئي. نوجوان رميش همٿ سان لڙيو. دُشمنن جي فوج ڪي چيريند و اڳيان وڌندو ٿي ويو.

**9.** رميش جي ڊيوٽي .......... ۾ لڳائي ويئي.

(1) راجستان (2) پنجاب

(3) بهار (4) جموں ڪشمير

**10.** رميش کي اَعلان جي ڄاڻ .......... وسيلي ٿي.

(1) ريڊيو (2) تارَ

(3) ٽيليوِيزن (4) خط

**11.** .......... جي خوشين کي ڇڏي رميش پنهنجو فرض نڀاهڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

(1) جَنم ڏينهن

(2) شاديءَ

(3) ڇَٽيءَ

(4) مُنڊ

**سوال 12 کان 14 لاءِ سوچنا : هيٺ ڏنل بيت ڌيان سان پڙهي. اُنجي هيٺيان ڏنل سوالن جو صحيح جواب چوند ڪريو.**

پاڻي آب حيات آهي،
پاڻيءَ جهڙو ڪُجُ ٻيو نا هي.
ڪاڙهي، ٺاري ڇاڻي پيئي جو
نروڳ حياتي سدا جيئي سو.
رت ۾ پاڻي سَدا رهي ٿو،
ڊوڙي بدن کي سَت ٿو بخشي.
هڪ هڪ بوند ۾ منهنجا پيارا
آهه سمايل شڪتي ڌارا
بن کاڌي ڪُجهه ڏينهن ته سَرندي،
بِنَ پاڻيءَ هڪ ڏينهن نه سَرندي.
پاڻيء بن ڌرتي ويران،
پاڻيءَ بنا هَر جيون حيران.

**12.** ڪاڙهي، ٺاري چاڏي پاڏي پيئڻ سان ڇا ٿيو ٿئي ؟

(1) ماڻهو نروڳي رهي ٿو

(2) ماڻهو بيمار رهي ٿو

(3) ماڻهوءَ جي صِحت بگڙي ٿي

(4) پاڻيءَ جو تاثير گهٽجي ٿو

**13.** ’شرير‘ لفظ جو ساڳي معني وارو لفظ ...... بيت مان ڳولهيو.

(1) آب

(2) ست

(3) بدن

(4) شڪتي

**14.** پاڻيءَ بن ڌرتي ڪيئن آهي ؟

(1) سرسبز

(2) آباد

(3) سائي

(4) ويران

**سوال 15 کان 19 لاءِ سوچنا : عملي وياڪرڻ.**

**15.** ’هُن گهر جي سجاوت ڪئي.‘

ان جملي ۾ ضمير لفظ ڪهڙو آهي ؟

(1) سجاوت (2) گهر

(3) هُن (4) ڪئي

**16.** هيٺين لفظن مان جنس مونث لفظ سُجاڻو :

(1) ڊاڪٽر (2) سونارو

(3) ماستر (4) سيٺياڻي

**17.** هيٺين مان عدد جمع لفظ ڪهڙو آهي ؟

(1) تلوار (2) ماڙيوُن

(3) ٻِتِ (4) ڪُرسي

**18.** هيٺين مان زمان مستقبل جو جُملو سُجاڻو :

(1) مان وڏو ڊاڪٽر بڻجندس

(2) هوُ وڏو ڊاڪٽر آهي

(3) مان ڊاڪٽر ڏانهن وڃي رهيو آهيان

(4) ڊاڪٽر مونکي سُئي لڳائي هُئي

**19.** هيٺين لفظن مان اَشدّ (غلط) لفظ سُجاڻو :

(1) ناراض (2) وتن

(3) جوابدار (4) ظالم

**سوال 20 کان 22 لاءِ سوچنا : ٻوليءَ جو وهنوارِ استعمال.**

**20.** ’سبق سيکارڻ‘ اِصطلاح جي معني ڇا آهي ؟

(1) هوشيار بڻائڻ (2) تعليم ڏيڻ

(3) سنزا ڏيڻ (4) سبق لکائڻ

**.21** چوڏي پوري ڪريو :

جيڏا اُٺ تيڏا .........

(1) مزا (2) لوڏا

(3) ڪاڏا (4) ٽپا

**.22** صحيح لفظ استعمال ڪري جُملو پورو ڪريو :

ٽي. وي ءَ. ويجهو ڏسڻ سان اَکين ...........

(1) کي آرام ملي ٿو (2) ۾ تڪليف ٿئي ٿي

(3) جي نظر وڌي ٿي (4) کي طاقت ملي ٿي

**سوال 23 کان 25 لاءِ سوچنا : هيٺيون گفتگو پڙهي پڇيل سوالن جا جواب لکو.**

”چاچي ڪچري لاءِ ٻه دٻا ناهي.“

”ڇو وَندوُ ؟“

”چاچي، اسان جي داديءَ اسان کي ڪلاس ۾ ڪچري بابت ٻُڌايو.“

”ته پوءِ اسان کي ٻه اُها ڳالهه ٻُڌاءِ ويندو.“

”ممي آلي ڪچري لاءِ هڪ دٻو ۽ سُڪل ڪچري لاءِ ٻيو دٻو، ائين ڪرڻ گهُرجي.“

”آلو ڪچرو ڪهڙو ٿيندو آهي ؟“

”ٻاڄين جوُن ڏانڊيون، پن، ٻاڄين ۽ ڦلن جون ڇلوُن.“

”۽ سُڪل ڪچرو ؟“

”اِنهيءَ پلاسٽڪ، لوهه، ڪانچ وغيره جوُن شيوُن.“

”اِئين ڪرڻ سان ڪچري، غلاظت ۽ صفائيءَ جون تڪليفوُن حل ٿينديوُن.“

**23.** آلي ڪچري ۾ ڪهڙي شيءِ شامل نه ٿيندي ؟

(1) پلاسٽڪ (2) ڏانڊيوُن

(3) ڇلوُن (4) پن

**24.** گفتگوُ ۾ ڪهڙي تڪليف بابت ذڪر نه ڪيل آهي ؟

(1) پاڻيءَ جي (2) صفائيءَ جي

(3) غلاظت (4) ڪچري جي

**25.** گفتگوُ ۾ گهڻن ماڻهن حصو ورتو آهي ؟

(1) ٻن (2) چئن

(3) ٽن (4) پنجن

# پاڱي II

## حساب

**26.** $7.7 + 0.7 + 00.70 + 0.07 + 0.77 + 0.00007 = ?$


(1) 9.94007


(2) 99.4007


(3) 9.24707


(4) 9.2407

**27.** غلط جواب ڪهڙو آهي :

(1)  $= \frac{1}{4}$

(2)  $= \frac{1}{4}$

(3)  $= \frac{1}{4}$

(4)  $= \frac{1}{4}$

---

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**28.** پرديپ وٽ 100 روپين جي نوٽن جي عدد هِڪُ جو چوٿون حصو (پاءُ) نوٽ 500 روپين جا، اڌ نوٽ 50 روپين جا ۽ ٻيٽا نوٽ 1 روپين جا هئا. جيڪڇهن هُن وٽ ڪُل ₹ 10,080 رقم آهي، ته پرديپ وٽ 100روپين جا ڪيترا نوٽ آهن ؟

(1) 20 (2) 30

(3) 40 (4) 50

**29.** 1 کان100 عددن تائين سڀ کان وڏو مفرد عدد ۽ سڀ کان ننڍو اڪي مفرد عدد انهن جي ضرب اپت ڪيترى ؟

(1) 194 (2) 291

(3) 198 (4) 293

**30.** $\frac{5}{14}, \frac{2}{28}, \frac{7}{4}, \frac{4}{7}$ انهن مان سڀ کان ننڍو اڻپور ڪهڙو آهي ؟

(1) $\frac{4}{7}$ (2) $\frac{7}{4}$

(3) $\frac{2}{28}$ (4) $\frac{5}{14}$

**31.** $\frac{29}{8}$ اڻپور هيٺين مان ڪهڙي اڻپور جو ساڳي ملهه وارو اڻپور نه آهي ؟


(1) $3\frac{5}{8}$ (2) $\frac{58}{16}$

(3) $3\frac{6}{8}$ (4) $\frac{290}{80}$

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

32. گُوريءَ چوڏهن هزار پنج سؤ روپين ۾ خريد ڪيل هِڪ ٽي.وي ءَ. جي مرمت لاءِ ساڍا ٽي سؤ روپيا خرچ ڪيو. هن پوءِ اِها ٽي.وي. سورهن هزار روپين ۾ وڪي ته هُنکي اُن وِيوَهار ۾ ڪيترو نفعو يا نُقصان ٿيو ؟

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | نفعو1,050 ر | (2) | نقصان 1,050 ر |
| (3) | نفعو1,150 ر | (4) | نقصان 1,150 ر |

33. 


مٿين شڪل ۾ جيڪڏهن گول تي ٻن ٻن ٽٻڪن کي جوڙي وڌ ۾ وڌ ڪيترا ٽڪر ٺاهي سگهبا ؟

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | 6 | (2) | 8 |
| (3) | 10 | (4) | 12 |

---

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**.34** 1 گروس ڪاغذ مان 5 دستا ڪاغذ ڇپائيءَ لاءِ واپريا تہ ڪيترا ڪاغذ بچيا ؟

(1) 60 (2) 20

(3) 12 (4) 24

**.35** سانيا ميراٿن ۾ جيڪڏهن 4 ڪ.م. مفاصلو 10 منٽن ۾ پورو ڪيو، تہ هُن 1 منٽ ۾ ڪيترو مفاصلو پورو ڪيو ؟

(1) $\frac{4}{10}$ ميٽر (2) 800 ميٽر

(3) 400 ميٽر (4) 40 ميٽر

**.36** مستطيل بلاڪ جي مٿاڇرن (سطحن) ۾ پاسن جي عددن جي جوڙاُپت، ڪعب جي پاسن ۾ نوڪي ٽپڪن جي عددن جي جوڙاُپت ڪان ڪيتري وڌيڪ يا گهٽ هوندي آهي ؟

(1) 2 گهٽ (2) 2 وڌيڪ

(3) 6 گهٽ (4) 6 وڌيڪ

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهہ**

**37.** * 54 * 6 عدد کي 9 سان پوري طرح ونڊي سگھجڻ لاءِ * جي جاءِ تي کھڙو انگ هُجي ؟

(1) 6 (2) 7

(3) 8 (4) 9

**38.** شبنم پاڻ وٽ هوندڙ ڪُل چاڪليٽين مان 15% چاڪليٽ جوسف کي ڏنا. جيڪڏهن هُن جوسف کي 30 چاڪليٽ ڏنا ته شبنم وٽ شروعات ۾ ڪيترا چاڪليٽ هئا ؟

(1) 90 (2) 150

(3) 60 (4) 200

**39.** راهُل 15,000 ₹ وياج تي 3 سالن لاءِ ڪنهن بها سان سنتوش کي واپرڻ لاءِ ڏِنا. جيڪڏهن سنتوش هُن کي 4,500 رو وياج ڏنو ته وياج جو اگهه (بها) في سال في سيڪڙو ڪيتري هئي ؟

(1) 10 (2) 15

(3) 9 (4) 8

---

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**40.** 24 جي سيڻي وندبيندڙن جو جوڙ اُپت ڪيترو ٿيندي ؟

(1) 59 (2) 36

(3) 60 (4) 66

**41.** وڏي ۾ وڏو پنجن انگن وارو عدد ۽ وڏي ۾ وڏو ٻن درجن وارو عدد انهن جي جوڙ اُپت ننڍي ۾ ننڍي ٽن انگن واري عدد کان ڪيتري وڌيڪ آهي ؟

(1) 1,00,098 (2) 99,998

(3) 99,999 (4) 1,00,198

**42.** ماڌو جو جنم وِسپت 15 جون 2011 تي ٿيو. هُنجي پنجين جنم ڏينهن تي ڪهڙو ڏينهن هوندو ؟

(1) منگل وار (2) وسپت

(3) ڇنڇر (4) سومر

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه**

**43.** $\frac{6}{10}$ اڳپور ۾ $\frac{6}{10}$ ڪيترا دفعا ملائڻ (جوڙڪرڻ) سان جوڙ اُپت 3 ٿيندي ؟

(1) 5 دفعا (2) 3 دفعا

(3) 4 دفعا (4) 2 دفعا

**44.** 40,56,784 عدد ۾ 4 جي بيهڪي ملهن جي جوڙ اُپت 5 جي بيهڪي ملهه کان ڪيتري وڏيڪ آهي ؟

(1) 40,00,004 (2) 39,50,004

(3) 39,50,000 (4) 40,50,004

**45.** 9 ÷ 6363 مثال ۾ جيڪڏهن ونڊيندڙ مان 2 ڪٽ ڪرڻ سان ونڊ اُپت ڪيتري وڌندي ؟

(1) 1 (2) 10

(3) 100 (4) 202

---

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**46.** 9 ,8 ,7 ,6 ,5 اهي انگ هڪ هڪ دفعو واپرائي اهڙو وڏي ۾ وڏو هڪ اَهڙو عدد ٺاهيو، جنهن کي 8 سان پوريءَ طرح ونڊي سگهجي ؟ (هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو) ؟

(1) 79856 (2) 97658

(3) 97586 (4) 97856

**47.** 24 ڪلاڪ وقت جي ماپ طرقي هو جي ڪرڪيٽ مئچ 10 بجي شروع ٿي ۽ 16 : 45 بجي تي پوري ٿي. مئچ پوري ٿيڻ تي 12 ڪلاڪن واري گهڙيال موجب ڪيترو وقت ٿيو هوندو ؟

(1) 5 : 45 (2) 4 : 45

(3) 15 : 45 (4) 2 : 45

**48.** 50 جو 50 سيڪڙو يعني ڪيترو ؟

(1) 50 (2) 100

(3) 25 (4) 75

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه**

**سوال 49 ۽ 50 لاءِ سوچنا : هيٺين شڪلي چاٽ جي آڌارتي سوالن جا جواب لکو.**

| اسڪُول توڻي اچڻ جو وسيلو | شاگردن جو عدد |
|---|---|
| پنڌ ايندڙ | △△△ |
| سائيڪل | △△△△ |
| آٽورڪشا | △△△△△△ |
| مائٽن سان گڏ | △△ |

پئمانوه :1 فوٽو = 50 شاگرد

**49.** خاڪي ۾ ڪل ڪيترن شاگردن جي چاٽ ڏنل آهي ؟

(1) 75 (2) 50

(3) 500 (4) 750

**50.** آٽورڪشا سان ايندڙ ساگردن جو عدد، سائيڪل سان ايندڙ ساگردن ڪان ڪيترو وڌيڪ آهي ؟

(1) 300 (2) 200

(3) 100 (4) 50

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه**

**51.** رومن نشانين وسيلي :

M – D ÷ L = ?

(1) 10 (2) 90

(3) 8 (4) 990

**52.** سادا پنجهٺ هزار روپين ۾ خريد ڪيل هِڪ گاڏي چوونجاهه هزار روپين ۾ وِڪي ته ڪيترا روپيا نُقصان ٿيو ؟

(1) ₹ 10,500 (2) ₹ 11,500

(3) ₹ 1,500 (4) ₹ 11,000

**53.** ₹ 970 ۾ ، ₹ 50 جا وڏ ۾ وڏ ڪيترا نوٽ ملي سگهندا آهن ؟

(1) 17 (2) 18


(3) 19 (4) 20

---


ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**54.** هيٺين مان ڪهڙي شڪل پينٽومِنو نہ آهي ؟


(1)




(2)



(3)



(4)



**55.** 8 آڪٽوبر 2016 ڏينهن جيڪڏهن ٻئين ڇنڇر جي سرڪاري موڪل هئي، تہ چوٿين ڇنڇر ڏينهن اُن مهني جي ڪهڙي تاريخ هوندي ؟

(1) 22 آڪٽوبر (2) 24 آڪٽوبر

(3) 23 آڪٽوبر (4) 20 آڪٽوبر

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهہ**

**56.** 13 س.م. ڊگهي ۽ 5 س.م. ويڪري ماپ وارا ٻه مستطيل ڪَي جيڪڏهن

ويڪر وٽان جوڙيا تہ اِن سان تيار ٿيندڙ شڪل جي گرد ماپ ڪيتري

ٿيندي ؟

(1) 67 س.م.

(2) 130 س.م.

(3) 72 س.م.

(4) 62 س.م.

**57.** حل ڪريو :

$$\left(\frac{15}{7}+\frac{6}{7}-\frac{2}{7}\right)-\frac{4}{7}=?$$

(1) $\frac{19}{7}$

(2) $\frac{19}{21}$

(3) $\frac{15}{7}$

(4) $\frac{23}{7}$

**58.** $b \times \frac{1}{8} = 8$ تہ $b = ?$

(1) 1

(2) 16

(3) 64

(4) 72

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهہ

**.59** گھنشامداس جي باغ ۾ جُدا جُدا قسمن جا 2100 وڻ آهن. جيڪڏهن انهن مان 25% وڻ انبن جا، 20% وڻ ناريل جا، 40% وڻ زيتون جا ۽ بچيل وڻ سُپاريءَ جا آهن ته سُپاريءَ جا ڪُل ڪيترا وڻ آهن ؟

(1) 105 (2) 525

(3) 315 (4) 415

**.60** 42,000 ملي ميٽر ڊيگهه واري تار 6 هنڌن تان ڪپي هڪجيترا حصا ڪيا ته هر هڪ حصي جي ڊيگهه ڪيتري ٿيندي ؟

(1) 7 ميٽر (2) 6 ميٽر

(3) 600 ملي ميٽر (4) 700 ملي ميٽر

**.61** هيٺين مان وڏي ۾ وڏو عدد ڪهڙو آهي ؟

0.06, 0.6, 6.0, 0.006


(1) 0.06 (2) 0.6

(3) 6.0 (4) 0.006

---

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**.62**



شڪل تہ □، ○، △ جي جاءِ تي نمبروار ڪهڙو انگہ ايندو ؟

صحيح جواب چونڊيو :

(1) 7, 3, 5

(2) 9, 4, 5

(3) 9, 7, 3

(4) 2, 1, 0

**.63** 4,97,998, 4,98,989, 4,97,889, 4,97,999

جيڪڏهن اِنهن عددن کي گهٽجندڙ سلسلي ۾ لکڻ سان پهرئين ۽ ٽئين عدد جي جوڙ اُپت ڪيتري ؟

(1) 996987

(2) 996988

(3) 996878

(4) 996888

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه**

**64.** روهت في پينسل ساڍي ٽي روپيا حساب سان 3 ڊزن پينسلوُن خريد ڪيوُن جيڪڏهن اهي سڀ پينسلوُن 150 رپ ۾ وڪيون ته هن وهنوار ۾ هُنکي ڪيترو نفعو يا نقصان ٿيو ؟

(1) 120 ر نفعو (2) 24 ر نفعو

(3) 24 ر نقصان (4) 42 ر نقصان

**65.** سُريش 35 روپيا 5 پئسا اها رقم 35.5 روپيا ائين لکي ته انهن ٻن رقمن ۾ فرق ڪيترو آهي ؟

(1) 45 پئسا (2) 55 پئسا

(3) 50 پئسا (4) ڪو به فرق نه آهي

**66.** 855م ڊيگهه ۽ 205 م ويڪر وارو زمين جو ٽڪر ₹ 400 چ.م. اگهه سان وڪيو ته ٽڪر جي وڪرو قيمت ڪيتري ٿيندي ؟

(1) ₹ 17,62,750 (2) ₹ 7,01,10,000

(3) ₹ 7,05,110 (4) ₹ 7,05,10,000

---

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**67.** ڏنيش وٽ 50 ر، 20 ر، 10 ر ۽ 5 ر جا هڪجيترا نوٽ آهن. جيڪڏهن هُن وٽ

ڪُل رقم 1,020 ر آهي ته ڏنيش وٽ 50 ر جا ڪيترا نوٽ آهن ؟

(1) 50 (2) 12

(3) 68 (4) 34

**68.** هيٺين مان ڪهڙو بيان غلط آهي ؟

(1) مُستطيل جوُن سڀ ڪنڊوُن (ساڳي ماپ جون) هوُنديوُن آهن

(2) مُستطيل جا سڀ پاسا ساڳي ڊيگهه جا هوندا آهن

(3) چوُرس جا لاڳيتا پاسا هِڪٻئي کي عمود هوندا آهن

(4) چوُرس جوُن سڀ ڪنڊوُن گوني ڪنڊوُن هونديون آهن

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه**

**69.** سيما 7 في س. بها سان، 20,000 ر، 5 سالن لاءِ بئنڪ ۾ رکيا ته هُنکي ڪُل ڪيترو وياج ملندو ؟

(1) ₹ 5,000 (2) ₹ 700

(3) ₹ 7,000 (4) ₹ 500

**70.** ناگپورڪان ورڌا ۽ ورڌا ڪان ناگپور نان استاپ بس جا سڄي ڏينهن ۾ 4 ڦيرا پورا ٿيا. هر دفعي ۾ بس ۾ 42 مُسافر هئا. جيڪڏهن بس جي هڪ وقت جي هڪ ٽڪيٽ 85 ₹ في ماڻهون آهي ته سڄي ڏينهن ۾ بس جي ڪُل ڪمائي ڪيتري ٿي ؟

(1) ₹ 1,360 (2) ₹ 27,200

(3) ₹ 28,560 (4) ₹ 28,660

**71.** پندرهن ڪروڙ پندرهن سوُ پندرهن اهو عدد انگن ۾ لکو :

(1) 1,50,01,515 (2) 15,00,00,515

(3) 15,01,50,015 (4) 15,00,01,515

---

ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهه

**72.** 42 ڏهاڪن مان 10 ايڪا ڪٽ ڪري انهن ڪيترا ڏهاڪا ملائڻ سان جواب 5 سوُ ايندو ؟

(1) 90 (2) 9

(3) 180 (4) 18

**73.** 5 ڪلاڪ 35 منٽ معني ڪيترا منٽ ؟

(1) 535 (2) 95

(3) 300 (4) 335

**74.** هيٺين بيانن مان غلط بيان ڪهڙو آهي چونڊيو ؟

(1) گول جو قطر، اُنجي نيم قطر کان ٻيڻو هوُندو آهي

(2) گول جو قطر گول جو سڀ کان وڏو زهہ هوندو آهي

(3) گول جو نيم قطر، گول جي قطر جو اڌ هوُندو آهي

(4) هڪ گول ۾ هڪ ۽ فقط هڪ قطر ڪڍي سگهبو آهي

**75.** 85164 عدد ۾ ڪهڙو عدد ملائڻ سان 6 انگي جي ننڍي ۾ ننڍي عدد تيار ٿيندو ؟

(1) 14835 (2) 14836

(3) 14736 (4) 14735

---

**ڪچو ڪم ڪرڻ لاءِ جڳهہ**

کچو کم کرڻ لاءِ جڳهه

کچو کم کرڻ لاءِ جڳهہ